SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1979
# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short and Commencement
2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعه 95 جي ترميم
Amendment of section 95 of Sindh Ordinance II of 1972
3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي شيڊول II جي ترميم
Amendment of Schedule II of Sindh Ordinance II of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1979
# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[20 جنوري 1979]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 95 جي ترميم
Amendment of

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 95 ۾ جي ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کي

كاما سان متبادل بڻايو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان (Proviso) وڌايو ويندو:

"بشرطيڪ شيڊول II جي عنوان "عوام جو تحفظ" هيٺ پيراگراف 5 جي ذيلي پيراگراف (2) جي پيچڪڙي جي صورت ۾ ڪو نوٽيس ضروري نہ هوندو."

section 95 of Sindh Ordinance II of 1972

1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي شيڊول II جي ترميم

Amendment of Schedule II of Sindh Ordinance II of 1972

3. چاڻايل آرڊيننس جي شيڊول II ۾:

(i) لفظ "ميونسپلٽي" جتي بہ اچي، لفظ "ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪاميٽي" سان متبادل بڻايو ويندو.

(ii) عنوان "عوام جو تحفظ" هيٺ، پيراگراف 5 ۾، هيٺيان ذيلي پيراگراف وڌايا ويندا:

"(4) ذيلي پيراگراف (2) جي پيچڪڙي جي صورت ۾ ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪاميٽي جو عملدار، جيڪو ان طرفان بااختيار بڻايو ويو هوندو، جيڪو چيف آفيسر جي رتبي، يا اسسٽنٽ هيلٿ آفيسر کان گهٽ نہ هوندو، ان کي خطرناڪ ۽ نقصانڪار آرٽيڪل کي بند ڪرڻ ۽ اهڙي هنڌ کي سيل ڪرڻ جو اختيار هوندو، جتي اهڙيون شيون ملنديون:

بشرطيڪ اهڙيون هٿ آيل نقصانڪار شيون اهڙي نموني نيڪال ڪيون وينديون جيئن مناسب هوندو:

وڌيڪ تہ انهن شين جي قبضي ۾ وٺڻ کانپوءِ جترو جلدي مناسب ٿي سگهي پر اٺيتاليهہ ڪلاڪن کان دير نہ ڪرڻ گهرجي، لاڳاپيل عدالت ۾ ڪيس داخل ڪرڻ گهرجي، جيڪا عملدار طرفان کنيل قدم جي تصديق، توثيق ڪندي يا ان کي رد ڪري ڇڏيندي.

(5) ڪنهن خطرناڪ يا نقصانڪار واپار واري هنڌ لاءِ ڪي

بہ بجلي، گئس يا پاڻي جا ڪنيڪشنز نہ ڏنا ويندا، جيستائين اهڙي واپار کي جاري رکڻ لاءِ اهڙي هنڌ لاءِ ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪاميٽي طرفان لائسنس نہ ورتو ويندو. جيئن بہ ڪيس هجي، ۽ اهڙي لائسنس جي ختم ٿيڻ جي صورت ۾، لاڳاپيل اختياري طرفان اهڙو لائسنس ختم ڪرڻ جي اطلاع تي بجلي، گئس يا پاڻي جا ڪنيڪشنز ڪاٽيا ويندا.“.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**